ڊاڪٽر آزاد قاضي
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو،
سنڌ يونيورسٽي، جامشورو

# سنڌ جو صوفياڻو فڪر
(خطبات سيد جي روشنيءَ ۾)

# SUFI THOUGHT OF SINDH
(in the light of Khutbat-e-Syed)

**ABSTRACT**

G.M Sayed was not only a politician, but he was also a great author and Scholar. His few books are also part of Syllabus in the Universities of Sindh

This article focuses on the numberless social evils, which deteriorate a society in to and discusses in detail the ways to get rid of them in the light of thoughts of G.M Syed, who founded a cultural organization in 1966 A.D named 'Bazm-e-Sufia-e-Sindh'.

In order to develop awareness amongst the Sindhi masses, he started a series of conferences, whose frist ever conference was held at Thatto on June 23rd, 1966. In this conference, while addressing to the people, G. M. Syed painted out 3 phases of human life such as: religion, politics and spiritualism and opened that all these three phases are totally different from each other and, thus, be treated separately.

Besides, he offered a set of guiding principles so as to root out all the social evils from Sindhi society. A major portion of this article is devoted to the quotations and reference from G.M Syed's book entitled, "Khutbat-e-Syed" which was published by 'Nain Sindh', Karachi in 1975. This book contains thought- provoking articles and essays on various issues and problems, which Sindhi nation is facing since a long period of time. However, the very essence of this article lies in the thoughts of G.M Syed which relate to non-existence of national conscience.

جهڙيءَ طرح ماڻهوءَ کي مختلف سببن ڪري، ڪي مرض ٿيو پون، جيڪي سندس شڪل شبيهہ کي بگاڙيو ڇڏين. ساڳيءَ طرح سان قومن کي پڻ ڏکو

عرصو ڌارين جي اثرن هيٺ رهڻ ڪري، ڪي سماجي مرض لڳيو وڃن ٿا. جيڪي انهن ۾ ڪيئي خاميون ۽ ڪمزوريون پيدا ڪيو وڃهن. جنهن سان قومن جي جڙ ته اصليت ئي بگڙجيو، خراب ٿيو پوي؛ جنهن سان ان جو سونهري مستقبل برباد ٿيو وڃي ۽ اهي سماج جي بهتري ۽ ڀلائيءَ واري عمل ۾ ڪارگر ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر ٿيو وڃن. اهو ئي سبب آهي جو مڙني قومن ۾ وقت بوقت چڱائيءَ وارو ڏس ڏيندڙ ۽ رهنمائي ڪندڙ رهنما ۽ رفارمر پئي پيدا ٿيا آهن. جن ڪي ڏاهپ وارا ڏس ڏيندي پنهنجو پاڻ ۾ اصلاح ڪرڻ ۽ سڌارا آڻڻ جي تلقين پئي ڪئي آهي. سائين جي ايم سيد، خطبن جي شڪل ۾ پيش ڪيل مواد خُطبات سيد ۾، اهڙو ئي سبق ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن سان قوم ۾ صدين جي غلاميءَ واري طوق سبب، پيدا ٿيل مرضن سان منهن مقابل ٿيڻ جي سوچ ۽ صلاحيت پيدا ٿي سگهي ٿي.

سيد صاحب جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان پريت وارو پيچ عالم آشڪار آهي. جڏهن به ڪير سندس اڳيان سنڌي ماڻهن پاران موٽ نه ملڻ ۽ سختيون سهڻ جي شڪايت ڪندو هو، تڏهن پاڻ بي اختيار هيءُ شعر پڙهندو هو.

محبت وڏي آهيان مامري، نه ته ڪير ڪشالا ڪري.

چوندا آهن محبت ڪندڙ کي محبوب جو عيب نظر نه ايندو آهي. پر سيد صاحب وٽ سنڌي قوم سان محبت وارا پيچ پائڻ جي باوجود سندس اهڙو اندازو ڪونه هو. سيد صاحب هڪ حاذق حڪيم واري نظر سان سنڌين ۾ پيدا ٿيل بيمارين جي علاج ڳولڻ جي سلسلي ۾، انهن جي ڪمزورين ۽ اوڻاين کان پڻ مڪمل طور واقف هو، جن جي وقت به وقت نشاندهي ڪندور رهندو هو.

1966ع ۾ نظربندي ختم ٿيڻ کان پوءِ، پاڻ مختلف دوستن سان صلاح مصلحت بعد سنڌي قوم ۾ پيدا ٿيل ڪمزورين ۽ خامين کي دور ڪرڻ ۽ قومي سجاڳ وارو شعور پيدا ڪرڻ لاءِ "بزم صوفياءِ سنڌ" نالي هڪ ثقافتي تنظيم جو بنياد وڌائين. ان ثقافتي تحريڪ جو بنيادي مقصد عوام کي بيدار ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي مختلف صوفي درويشن جي درگاهن تي گڏ ٿيندڙ عام ماڻهن اڳيان ڪانفرنسون سڏائي، انهن ۾ شعور پيدا ڪرائڻ واري ڪوشش ڪرڻ هو.

انهن ڪانفرنسن جي شروعات 23 جون 1966ع کان سنڌ جي قديم تاريخي شهر ٺٽي جي سيد عالي شاهه شيرازيءَ جي، سالياني ميلي تي سڏايل ميڙاڪي کان ڪئي ويئي.

حضرت انسان جي زندگيءَ جو ڪار وهنوار ڪن بنيادي ڳالهين تي هلي ٿو. جن کان واقف هئڻ سان سوسائٽيءَ کي بهتر ڪري انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو. ان ڳالهه جي اهميت جي مدِ نظر سيد صاحب ان پهرين ثقافتي ڪانفرنس جي موقعي تي پنهنجي خطبي ۾، ڪاروبارِ زندگيءَ جي ٽن مکيه شعبن جو

ذڪر ڪندي لکيو:

”انساني زندگيءَ جي ڪاروبار جا ٽي مکيہ شعبا آهن: جن جي فرائضن جي ڄاڻ حاصل ڪري، سندن مختلف مسائل جي وچ ۾ تميز ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

(1) **مذهب:**جيڪڏهن غور سان ڏسبو تہ اهو بنيادي طرح دين فطرت ئي هو، جنهن جا مقصد ۽ مرادون هر هنڌ ۽ هر دور ۾ ساڳيا هئا.  انهيءَ جا بنيادي مقصد انسان ذات ۾ اتحاد، امن ۽ ترقي هئا.انهيءَ جا طريقہ ڪار بہ هئا، هڪ جو واسطو عقيدن سان ۽ ٻئي جو عمل سان پئي رهيو آهي.

(2) **سياست:**انهيءَ جو واسطو ماڻهن جي باهمي تنازعات جو نبيرڻ ۽ امن امان قائم ڪرڻ سان رهيو آهي. جن ماڻهن جي هٿ انهيءَ جو ڪاروبار رهي ٿو، انهن کي حاڪم ۽ انهيءَ جي دستور کي حڪومت سڏجي ٿو. انهيءَ جو مدار طاقت ۽ اقتدار تي رهي ٿو.

(3) **سلسلءِ طريقت يا روحانيت:**”جديد زماني جي اصطلاح ۾ ان جي معني ڪلچرل اصلاح ڪري سگهجي ٿي“.( سيد، 1975، ص 9)

مٿي ذڪر ڪيل ٽنهي شعبن جو واسطو ماڻهن جي نفسياتي، ذهني ۽ اخلاقي اصلاح، تعليم، ترقي ۽ تربيت سان رهي ٿو. سيد صاحب جو چوڻ آهي تہ انهن ٽنهي شعبن کي الڳ الڳ هلائجي، ڇاڪاڻ تہ گڏائي هلائڻ سان برايون پيدا ٿيون آهن، ان سلسلي ۾ پاڻ لکيو اٿس تہ: ”مٿي ذڪر ڪيل ٽنهي شعبن جي ڪاروبار ۽ مسائل کي علحده ڪري، هر هڪ شعبي جو ڪم، هر شعبي جي ماهرن جي حوالي ڪيو وڃي.“ ان پهرين خطبي ۾ ئي سيد صاحب قومي اوڻاين جو هن ريت ذڪر ڪري ٿو:

”گذريل 50 سالن جي مسلسل ڪوشش جي باوجود، عوام ۾ قومي سياسي شعور پيدا نہ ٿي سگهيو آهي.2. خواص ۾ خود مطلبي، قوم فروشي، نفاق، بزدلي ۽ فرض ناشناسيءَ جون عادتون گهر ڪري ويون آهن. 3. سنڌ جي سياسي، اقتصادي خود اختياريءَ ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽون پئجي ويون آهن“. (سيد، 1975ع، ص 10)

پاڻ وٽ تنقيد نگاريءَ جو مقصد رڳو خاميون بيان ڪرڻ تصور ڪيو ويندو آهي، پر سيد صاحب جتي خامين جي نشاندهي ڪري ٿو، اتي انهن خامين کي دُور ڪرڻ لاءِ هيٺيون تجويزون پڻ پيش ڪري ٿو، جن تي عمل ڪرڻ سان اهي خاميون دُور ٿي سگهن ٿيون.

**خاميون دُور ڪرڻ لاءِ تجويزون**

1. ”ڪلچرل مرڪز يا خادمِ سنڌ جي نالي سان هڪ گڏيل پليٽ فارم تيار ڪجي، جنهن ۾ مختلف مذهبي عقيدن، اقتصادي ۽ سياسي نظرين، مختلف

سياسي گروهه بندين ۽ طبقاتي مفادن جي ماڻهن کي پنهنجي راين تي قائم رهندي، سنڌ جي ڪلچر ۽ قومي مفاد لاءِ صلاح مصلحت ۽ تبادله خيالات ڪري گڏيل مفاد لاءِ قدم کڻجي.2. ماڻهن جي مکيه خامين، جهڙوڪ خود مطلبي، شخصي اختلافن، قوم فروشيءَ، بزدليءَ، نفسياتي ۽ اخلاقي ڪمزورين کي دُور ڪرڻ لاءِ تعليم ۽ تربيت جو انتظام ڪجي. 3. ماڻهن کي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ تيار ڪرڻ واسطي، محبت، مذهبي ۽ سياسي رواداري، حب الوطني، ۽ قربانيءَ جي جذبي پيدا ڪرڻ لاءِ صوفياءِ ڪرام ۽ قومي هيروز جي زندگيءَ جي احوالن کان کين واقف ڪجي.4. هر هڪ ضلعي ۾ ڪي ڪلچرل مرڪز ٺاهي اتان ڪم ڪيو وڃي. 5.عوام، شاگردن، ماسترن، پروفيسرن ۽ پڙهيل طبقي کي انهيءَ رنگ ۾ رڱڻ لاءِ ڪي مخصوص ڪارڪنن جا گروهه ٺاهي ڪم انهن جي سپرد ڪيو وڃي.“(سيد،1975ع، ص75 )

مٿي ذڪر ٿيل ٽي صيغا انهن جي اهميت، افاديت ۽ انهن جي مختلف حوالن سان وضاحت ۽ سماج ۾ ضرورت واري حوالي سان ان ڪانفرنس کان پوءِ ٿيل مڙني ڪانفرنسن جي خطبن ۾ به اصلاحي ڳالهين جو ذڪر ايندو رهيو. ان ئي سلسلي ۾ ذڪر هيٺ آيل ٽنهي صيغن جو مقصد ٻي ڪلچر ڪانفرنس ڀڏاپور ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو.

”**مذهب:** مذهب جي تشريح ۾ ملا، پنڊت ۽ پادري، صدين گذرڻ جي باوجود به هم آهنگي پيدا ڪري نه سگهيا آهن. انهيءَ سبب گهڻي وقت کان مذهب ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي عيوض پاڻ نفاق جا ڪارڻ بنجي پيا آهن.

”**سياست:**سياست جي ذريعي ماڻهن کي غربت، بدامني، ڏاڍائي ۽ جهالت کان بچائي ان ۾ آسودگي، امن، آزادي ۽ علم پيدا ڪري سگهجي ٿو.

”**طريقت ۽ ڪلچر:** انهيءَ جو بنيادي مقصد به، مٿي ذڪر ڪيل ٻن شعبن وانگر انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جا آهن. انهيءَ ۾ فڪر جي آزاديءَ لاءِ ڪشادو ميدان رهي ٿو. هن شعبي جي ڪارڪردگيءَ جو سمورو مدار ذهني پرچار، تاليفِ قلوب ۽ اصلاح نفس تي رهي ٿو.“(سيد، 1975ع، ص 12).

مٿين ٽنهي شعبن جو مقصد بيان ڪرڻ بعد انهن شعبن جي روشنيءَ ۾ بزم صوفياءِ سنڌ ڪانفرنسن جو مقصد طئه ڪندي سيد صاحب لکي ٿو:

”هنن ڪانفرنسن ڪوٺائڻ لاءِ مقصد ۽ مرادون هن ريت آهن.

”اهي ڪانفرنسون قومي خامين ۽ ڪوتاهين جي درستگي ۽ اصلاح لاءِ سڏايون وڃن.

درگاهن جي بزرگن کي قومي اخلاق جي درستگي ۽ نفسياتي (روحاني) اصلاح جا پيغام رسان ۽ ذريعا ڪري ورتو وڃي ۽ نه بذات خدا مقصد ۽ مرادون.

جن درگاهن جا سجاده نشين سياسي اقتدار ۽ دنياوي جاه وَ جلال جي اصول

۾ قاتل هجن، انهن کان جيترو ٿي سگهي اوترو گوشو ڪجي.“ (سيد، 1975ع، ص 13)

ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس واري خطبي ۾ سيد صاحب بين الاقوامي ارتقا جي روشنيءَ ۾ سنڌ ۾ ٿيل انساني ۽ سماجي ارتقا تي روشني وڌي آهي. جنهن ۾ پاڻ ڄاڻايو اٿس ته، انسان ڪيئن ارتقا جا مرحلا طئه ڪيا ۽ انهن مان قومن جو وجود ڪيئن ٿيو. ان خطبي ۾ انٿروپالاجي ۽ آرڪيالاجي جي حوالي سان اهو انتهائي اهم موضوع بحث هيٺ آندل آهي. ان غور ويچار واري خطبي ۾ سيد صاحب انهن مشڪلاتن طرف پڻ اشارو ڪيو آهي، جن سان انسان ذات کي وقت بوقت منهن مقابل ٿيڻو پئي پيو آهي. اهڙين مشڪلاتن مان مکيه مشڪلاتون هن ريت آهن.

1. مساواتي آفتون، 2. غيبي طاقت ۽ جانورن جا خوف، 3. اتفاقي حادثا.

اهڙين مشڪلاتن سبب انساني ذهن تي ڪهڙا اثر پيا ۽ انهن مشڪلاتن کي منهن ڏيندي انسان ڪيئن انفرادي سوچ کان اجتماعي سوچ ڏانهن قدم وڌايو، انهن نقطن جي پڻ وضاحت ڪئي ويئي آهي.

مذهب جيڪو انساني سماج ۾ مختلف حوالن سان بنيادي اهميت وارو عنصر پئي رهيو آهي. ان جي اهڙي افاديت کي نظر ۾ رکندي سيد صاحب مختلف حوالن سان مذهبن جي باري ۾ پڻ تفصيل سان لکيو آهي. مثلاً ٽئين خطبي ۾ پاڻ عالمگير مذهبن کي نظرياتي سامراج سڏيندي. ان نقطي کي سمجهڻ لاءِ مذهبن جي سلسلي ۾ هيٺين چئن صيغن جو تفصيلي بيان ڪيو ويو آهي.

”**الاهيات يا روحانيت:** هي ڪم راسخ العلم، صاحب فڪر، ولين، آچارين، سنتن ۽ فيلسوفن جي حوالي رهيو آهي. هن وسيلي ڪائنات جي پيدائش، ان جي ڪارڻن ۽ مقصدن جي کوجنا، روحن جي وجود، ابتدا ۽ آخرت جو علم حاصل ڪيو وڃي ٿو.2. طريقت انساني امن، اتحاد، تهذيب ۽ تمدن انهيءَ وسيلي حاصل ٿين ٿا. اهو ڪم مصلحن، صوفين، سڌارڪن ۽ ثقافت جي دائري ۾ ڪم ڪندڙ انسان دوستن ذريعي ٿيندو رهيو آهي. 3. عبادت هن جي واڳ عابدن، زاهدن، ڀڳتن،مانڪس (Monks) جي هٿ ۾ پئي رهي آهي. اڄ ڪلهه ملا ۽ مولوي به ان ڪم جي تبليغ ڪن ٿا. هن جو مقصد خدا جي رضامندي حاصل ڪرڻ ۽ آخرت جي نجات آهي.4. فقهي قانون جن کي اڄڪلهه شريعت جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. انهن تي اڄڪلهه حڪومت جو مڪمل قبضو ٿي چڪو آهي. ڀنتي ڀيل ملڪن ۾ ان جي ملا، پنڊتن، پادرين پاران جدا جدا تشريح ڪئي وڃي ٿي. ان جو نتيجو نفاق ۽ اختلاف جي ٻيو ڪونهي نڪتو“. (سيد، 1975ع، ص 38)

مٿي ذڪر ڪيل وضاحت ڪرڻ کان پوءِ سيد صاحب سنڌ جي ڪيس کي سمجهڻ لاءِ برصغير جي صورتحال کي بحث هيٺ آڻيندي لکي ٿو :

”برصغير هند پاڪ ۾ اسلام ۽ هندومت جو پرچار ۽ رهبري اهڙن ماڻهن جي

هٽ آئي جي مٿي ذڪر ڪيل مذهب جي مختلف صفن جي جدا فرائض منصبي ڪان اڻ ڄاڻ هئا. ليڪن پنهي مذهبن جي ڄاڻن مان ڪي اهڙا به هئا جن ڪي صحيح حقيقت جو پتو هو ۽ جملي مذهبن پويان بنيادي وحدت پرکي هئائون. برصغير پاڪ و هند ۾ اسلام ۽ هندومت واري پرچار جي سنڌي سماج تي پيل اثرن واري حوالي سان سيد صاحب سنڌ ۽ سنڌي قوم کي سيڪيولر فڪر جي روشنيءَ ۾ انتباهه ڪري ٿو ته اسان کي هيٺين ڳالهين بابت ذهن صاف ڪرڻا پوندا. (1) ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت کي مڃي، مذهبن جي نالن ۾ انسان ذات جي وچ ۾ ڪڙي ڪيل ديوارن کي ٺوڙڻو اٿئون. (2) هر اها ڳالهه جا انسانذات ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ڪري ٿي..... ان کان اسان کي پري رهڻو آهي. ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه اسان جي اسلام (دين امن) جي بنيادي مقصد خلاف آهي.

اسان سمجهون ٿا ته انساني معاشرو تاريخي ارتقا جي انهيءَ درجي تي پهتو آهي جتي، حڪومتي ڪاروبار ۾ مذهبي شريعتن جو دخل نه هجڻ گهرجي. (4) اسان عقيدي ۽ خيال جي آزاديءَ جا حامي آهيون ۽ ان کي پنهنجي جنم جو حق سمجهون ٿا. تنهن ڪري ڌارين جي دست اندازيءَ يا اثر ڪري ان حق تان دستبردار نه ٿينداسون. (5) اسان عدم تشدد ۽ اهنسا جا حامي آهيون- مذهبي جهاد جا مخالف آهيون، نفس کي مارڻ جهاد اڪبر سمجهون ٿا. (6) سر زمين سنڌ ۽ ان جي صوفياءِ ڪرام کي اتحاد انساني، امن عالم ۽ دنيا جي آباديءَ لاءِ خاص پيغام آهي. اسان ان مشن جا سفير آهيون. (7) اسان وطن جي محبت کي ايمان جو جزو سمجهون ٿا."

(سيد، 1975ع، ص 45)

اهڙي ريت سيد صاحب پٽ شاهه ۾ ڏنل چوٿين خطبي ۾ انسان جي ارتقا ۾ منفي ۽ مثبت لاڙن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن بابت ڪيل بحث جي نتيجي ۾ سنڌين ۾ پيدا ٿيل خامين جو جائزو پڻ ورتو آهي ۽ انهن جي ختم ڪرڻ لاءِ ڏاهپ وارا ڏس ڏنا ويا آهن. ان سان گڏوگڏ هن خطبي ۾ سيد صاحب روحانيت ۽ ماديت بابت پڻ تفصيلي سمجهاڻي ڏني آهي. مٿي ذڪر ڪيل مختلف حوالن سان تفصيلي سمجهاڻي ڏيڻ کان پوءِ سيد صاحب خوديءَ کي ختم ڪرڻ جو ڏس ڏيندي لکيو آهي:

"اسان جي ڪارڪنن کي هيٺين سوالن تي ذهن صاف رکڻو آهي.

خودي دوئيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي. خودي تشدد جو رجحان پيدا ڪري، اڳرائي ۽ سامراجيت جو بنياد بڻجي ٿي. شخصي يا قومي خودي، نفاق ۽ نفرت پيدا ڪري بدامنيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿي. خوديءَ جي تعليم اسان جي سنڌي درويشن جي تعليم ۽ قديم روايات جي خلاف آهي. جيڪڏهن اسان قوم مان نفرت ۽ نفاق دُور ڪرڻ ۽ اتحاد محبت ۽ ايثار جو مادو پيدا ڪرڻ گهرون ٿا ته خوديءَ کي ختم ڪرڻو

پوندو سون. (سيد، 1975ع، ص 68)

سيد صاحب جو پنجون خطبو چوٿين جو تسلسل آهي جنهن ۾ نفرت ۽ نفاق جي سببن جي وضاحت سان گڏوگڏ فسطائي نظرين بابت وضاحت ڪري، سمجهاڻي ڏيڻ کان پوءِ پاڻ سنڌين جي اعتقاد بابت واضح طور تي لکي ٿو:

”ليڪن سنڌ جي ڪثرت تعداد درويشن ۽ سندن هم خيال عالمن جو، انهيءَ نظرئي ۽ تشريح ۾ منڍ کان وٺي اعتقاد ڪو نہ رهيو آهي. هو وحدت الوجود جي نظرئي ۾ اعتقاد رکڻ ڪري ابتدا کان وٺي، ’تعاون البقا‘ ۽ ’امن برائي ترقي‘، جي مسلڪ کي مڃيندا رهيا آهن. تصادم کي حيواني صفت سمجهي ان کي رد ڪيو اٿن، ان ڪري، هنن اتحاد انساني، امن عالم ۽ بني آدم، جي ترقيءَ کي جملي مذهبن جو بنيادي متو سمجهي، وحدت مذاهب جو پرچار پئي ڪيو آهي.“ (سيد، 1975ع، ص 84)

مٿئين قسم جي معلومات ڏيڻ کان پوءِ سيد صاحب ايندڙ خطبي ۾ سرزمين سنڌ جون خصوصيتون بيان ڪندي ان راءِ جو اظهار ڪيو آهي تہ:

”دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا ويڇا متجي، هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن، سرزمين سنڌ کي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي.“ (سيد،1975ع، ص 98)

ان سلسلي سيد صاحب اتحاد انساني حاصل ڪرڻ لاءِ ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جي جاڻ ڏني آهي ۽ ان کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ مکيہ مذهبن جهڙوڪ عيسائي، هندو ۽ اسلام جي ڪيل غلط تشريحن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ ان ڳالهہ طرف پڻ اشارو ڪيو ويو آهي تہ:

”انهن سمورن مذهبن ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ هُيا جن سڀني مذهبن پويان بنيادي وحدت ۽ سچ جا جزا پرکيا هئا. سنڌ جا اڪثر درويش ان اصول جا قائل پئي رهيا آهن.“ (سيد،1975ع، ص101)

اهڙي وضاحت ڪرڻ بعد سيد صاحب قومي نفاق ۽ خود مطلبيءَ کي ختم ڪرڻ، تشدد (اهنسا) جي طريقي کي ترڪ ڪرڻ، تنازع جي عيوض تعاون ذريعي ترقي ۽ بچاءُ جي راهہ اختيار ڪرڻ جهڙيون صلاحون ڏيندي، ڀارت ۽ پاڪستان جي باهمي سمجهوتي ۽ تعاون جي ضرورت جي اهميت تي زور ڏنو آهي.

ستين ڪانفرنس ۾ پڻ سيد صاحب سنڌين ۾ پيدا ٿيل مختلف بيمارين مان بزدلي ۽ بي همتي بابت تفصيل سان بحث ڪندي لکي ٿو تہ:

”اسان کي قومي مرضن جا ڪارڻ ڳولي، ان مان ماڻهن جي نجات جو حل ڳولڻو آهي.“ (سيد،1975ع، ص 121)

ان سلسلي ۾ سيد صاحب سنڌي سماج تي مختلف مذهبن جهڙوڪ هندو ڌرم، جين ڌرم ۽ اسلام جي حوالي سان پيل اثرن بابت تفصيلي ذڪر ڪيو آهي: سيد صاحب جو اپين شاهہ خيرپور ۾ ڏنل اٺون خطبو نهايت وڏي اهميت جو حامل

آهي، جنهن کي مشهور اسڪالر محمد ابراهيم جويو

”سنڌ جو ڪيس ۽ هڪ تاريخي دستاويز تصور ڪندو رهيو آهي.“ (جويو،2004ع، ص 191)

ان خطبي جي اهڙي تاريخي اهميت کي نظر ۾ رکندي جويي صاحب اهو ان وقت ئي انگريزي ۾ ترجمو ڪرائي ان تي مشهور اسڪالر جي.ايم مهڪريءَ کان مهاڳ لکرائي، ڪتابڙي جي صورت ۾ شايع ڪيو هو.

ان خطبي لاءِ محترم ابراهيم جويي صاحب جو اهو پڻ چوڻ آهي تہ:

”مان ان کي صوفياڻي تحريڪ جو نچوڙ تصور ڪندو رهيو آهيان.“ (جويو،2004ع، ص 190)

ان صوفياڻي تحريڪ جو نچوڙ پيش ڪندڙ خطبي جو بنياد سنڌي قوم ۾ پيدا ٿيل مکيہ بيماري اخلاقي ڪمزوري ۽ نفسياتي بي همتيءَ کي قرار ڏنو ويو آهي. جنهن جي ڪارڻ بابت سيد صاحب جو چوڻ آهي تہ:

”اسان ۾ هن بيماريءَ جو ڪارڻ ٻين کي بنائڻ جي بجاءِ اندر ۾ جهاتي پائي پنهنجن عيبن کي سڃاڻي انهن جي دُور ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪريون.“ (جويو،2004ع، ص 191)

اهي قومي ڪمزوريون ۽ بيماريون ڪهڙيون آهن تن جي نشاندهي ڪندي سيد صاحب پاڻ لکي ٿو:

”مون جڏهن پنهنجي قوم جي پست حاليءَ جي تشخيص ڪئي تہ مون کي ان جا هيٺيان ڪارڻ نظر آيا. 1. خود مطلبي، 2. قومي شعور جي عدم موجودگي، 3. نفرت ۽ نفاق، 4. بزدلي ۽ بي همتي“. (سيد، 1975ع، ص 119)

مٿي ذڪر ڪيل مرضن جي سلسلي ۾ سيد صاحب هوندي تہ مختلف خطبن ۾ رڻون ۽ رايا پيش ڪيا پر ان اٺين خطبي ۾ ”قومي شعور جي عدم موجودگي“ بابت انتهائي اهم ۽ جامع رايا پيش ڪيا اٿس چاڪاڻ تہ قومي شعور ئي ڪنهن قوم جي بقاءَ جو بنيادي عنصر آهي. اهو قومن جي استقلال ۽ استحڪام جي سلسلي ۾ بنيادي ڏاڪي واري حيثيت رکي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن قوم کي قومي شعور ڪونهي تہ مقابلي جي ميدان ۾ بيهي ڪانہ سگهندي.

**حوالا**


1. سيد جي ايم، خطبات سيد ، 1975، نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي
2. جويو، محمد ابراهيم، سڏ پڙاڏو، 2004، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد